رحمۃ اللہ علیہ

# فيضان امام باقر

سنڌي




پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفکربيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي چڏيو)

رسالي جو نالو: فيضان امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

ڇاپو پهريون:

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# فيضان امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

## پيشڪش

اسلامڪ ريسرچ سينٽر (دعوت اسلامي)

## ترجمو

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)


رابطي جي لاءِ:

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ

محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

# فهرست

فيضان امام باقر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه .................................. 1
دُرود شريف جي فضيلت .................................. 1
غيبي خبر .................................. 1
ولادت ۽ تعارف .................................. 2
باقر چوڻ جو سبب .................................. 3
امام باقر جو شان .................................. 3
صحابهٴ ڪرام ۽ اهلبيت جون محبتون .................................. 4
سونَ جو زنجير .................................. 5
علمي وجاهت .................................. 5
جنّ مسئلن جي حل لاءِ حاضر ٿيندا هئا .................................. 6
عربي زبان ۾ شجرو .................................. 6
عبادات ۽ مُناجات .................................. 7
مبارڪ عادتون .................................. 8
مولا علي جي سڀ کان ويجهو پهريان خليفا حضرت ابوبڪر صديق ....... 8
حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمرِ فاروقِ اعظم جي باري ۾ ............ 9
جيڪو توهان کي صديق نہ چئي...؟ .................................. 9
صحابهٴ ڪرام جي بابت محبت جو درس .................................. 10
اهلبيت سان محبت جا ڪوڙا دعويدار .................................. 10
شيخينِ ڪريمين کان جدا اهلبيت کان جدا آهي ................ 11

اللّٰه پاڪ جي تعريف جا جامع ڪلما ........................ 11
بُري موت کان بچڻ جو نسخو ............................ 12
شهزادي جي پنهنجي صاحبزادي کي نصيحت ................ 14
صحابهٔ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي زيارت ........................ 15
اهلبيتِ پاڪ جي غلامن جي لاءِ خوشخبري .................... 15
رزق جو سوال ........................................ 16
امام باقر سان امام اعظم جي ملاقات .......................... 16
شجرهٔ عالي وقار جي گستاخي جو انجام ........................ 17
فرامينِ امام باقر .......................................... 17
انتقال شريف ........................................ 20

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# فيضان امام باقر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه

دعاءِ عطار: ياربَّ المُصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو فيضانِ امام باقر پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي پنهنجي پياري پياري آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ صحابہ ۽ اهلِبيت جي غلامي ۽ دعوتِ اسلامي ۾ اِستقامت ڏئي ڪري جنّت الفردوس ۾ بنا حساب جي داخل فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرود شريف جي فضيلت

خواجهءِ خواجگان، حضرت خواجہ غلام حسن سواگ المعروف ”پير سواگ“ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن تمام گهڻا غم ۽ مشڪلاتون اچي وڃن تہ دُرود شريف جي ڪثرت ئي تمام مشڪلات کي حل ڪندي آهي.

(فيوضات حسينيه، صفحه193)

مشکل جو سر پہ آپڑی تیرے ہی نام سے ٹلی
مشکل کشا ہے تیرا نام تجھ پر درود اور سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غيبي خبر

صحابي رسول حضرت جابر بن عبد الله رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه جي خدمت ۾ اهلبيتِ اطهار جي اکين جا تارا امام باقر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ننڍپڻ شريف ۾ حاضر ٿيا چوتہ آخري عمر ۾ سندن نظر شريف ڪمزور ٿي وئي هئي ان ڪري پاڻ پڇيائون: توهان ڪير آهيو؟ تہ حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جواب ڏنو: محمد بن علي بن حسين بن علي المرتضيٰ (رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهم). هي ٻڌندي ئي پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جن اُٿي وڌي حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي هٿن کي چمي ورتو ۽ فرمايائون: الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان کي

سلام ارشاد فرمايو آهي اتي دربار ۾ موجود ماڻهن کين عرض ڪيو: حضور اِهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ (ڇوته حضور صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان وقت ظاهري طور تي انتقال شريف فرمائي چڪا هئا.) ان تي حضرت جابر بن عبد الله رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ٻڌايو ته: هڪ ڀيري مان الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي خدمت ۾ حاضر هئس ۽ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي مبارڪ جهوليءَ ۾ سندن ڏوهٽا، بيبي فاطمه جي جگر جو ٽڪرو. حضرت امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کيڏي رهيا هئا. امام حسين جي نانا جان صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: اي جابر! منهنجي هن پٽ وٽ هڪ پٽ پيدا ٿيندو جنهن جو نالو علي (زين العابدين) هوندو جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ته هڪ آواز ڏيڻ وارو آواز ڏيندو: سيد العابدين اٿي بيهن! ته هُو اٿندو. پوءِ ان وٽ هڪ پٽ پيدا ٿيندو جنهن جو نالو محمد هوندو. اي جابر! تون ان کي ڏسندين، جڏهن تون ان سان ملين ته منهنجو سلام چئجان. (الصواعق المحرقه، ص 201) الله ربّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

تیری نسلِ پاک میں ہے بچہ بچہ نور کا  تو ہے عینِ نور تیرا سب گھرانا نور کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ولادت ۽ تعارف

ڪونين جي شهزادي، حضرتِ بيبي فاطمه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا جي دل جو چين، حضرتِ امام حسين رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو پوٽو، امام زين العابدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو صاحبزادو، سلسلهءِ قادريه رضويه عطاريه جو پنجون طريقت جو شيخ

حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهي. سندن مبارڪ نالو محمد، ڪنيت ابو جعفر ۽ لقب باقر، شاڪر ۽ هادي (يعني هدايت ڏيڻ وارو) آهي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادت شريف ڪربلا جي واقعي کان تقريباً ٽي سال پهريان 3 صفر المظفر 57 هجري جمعة المبارڪ جي ڏينهن مديني پاڪ ۾ ٿي.

(مسالک السالکین،جلد1صفحہ213۔تاریخ مشائخ قادریہ،صفحہ75)

سیّدِ سجاد کے صدقے میں ساجد رکھ مجھے ــ علمِ حق دے باقرِ علمِ ہدیٰ کے واسطے

## باقر چوڻ جو سبب

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي باقر چوڻ جو سبب ”الصواعق المحرقه“ ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته بقر الارض زمين قاڙڻ ۽ ان جي لڪيل خزانن کي ڪڍڻ کي چوندا آهن اهڙيءَ طرح پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن الله پاڪ جي احڪامن جي اندر راز ۽ معرفت جي لڪيل خزانن کي ظاهر فرمائي ڪري انهن جون حڪمتون بيان فرمايون. وڏيڪ هي به آهي ”باقر“ علم کي چيرڻ واري کي چوندا آهن جو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وسيعُ العلم (يعني تمام گهڻو علم رکڻ وارا) هئا تنهنڪري کين باقر چيو ويو. (الصواعق المحرقہ،ص 201)
حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا چار شهزادا ۽ ٽي شهزاديون هيون، هڪ قول مطابق پنج شهزادا ۽ ٻه شهزاديون هيون. (مرأة المناجيح، 621/8)

## امام باقر جو شان

اي عاشقانِ صحابه ۽ اهلبيت! الله پاڪ جو اسان تي وڏو احسان آهي جو ان پنهنجي پيارن سان اسان جي نسبت ۽ عقيدت رکي آهي. الحمدلله اسان جي نسبت ڪهڙي نه پياري آهي جو پيارا پيارا حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اسان جا پير ۽ مرشد آهن ۽ سندن مبارڪ

ذات سان حسني حسيني ساداتِ ڪرام جو سلسلو ملي وڃي ٿو ڇوته ڪين والدِ محترم امام زين العابدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرتِ امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا شهزادا آهن ۽ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي امڙ سائڻ رسول الله جي ڏوهٽي حضرتِ امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جون شهزاديون آهن، صرف ايترو نہ بلڪ مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابو بڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان بہ ويجهو رشتو آهي جيئن تہ مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا شهزادا حضرت محمد بن ابو بڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مولا علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي طرفان مصر جا والي مقرر ڪيا ويا، سندن پٽ ”حضرت قاسم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صاحبزاديءَ حضرتِ فروه بنتِ قاسم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْها جو نڪاح حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان ڪرايو ويو تہ انهن مان سلسلو قادريہ رضويہ عطاريہ جو چوٿون شيخِ طريقت حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن پيدا ٿيو تہ (هيئن) صديقِ اڪبر تمام سيّدن جا نانا آهن ۽ حضرت علي المرتضيٰ سيّدن جا ڏاڏا (آهن).“ (مراٰة المناجيح،1/ 622)

## صحابہِ ڪرام ۽ اهلبيت جون محبتون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! صحابہِ ڪرام ۽ اهلبيت عظام عليهم الرضوان جي محبت نجات جي راھ آهي قيامت جي ڏينهن شفاعتِ مصطفيٰ مان حصو ماڻڻ جي لاءِ صحابہِ ڪرام عليهم الرضوان ۽ اهلبيتِ اطهار جي غلامي جو پٽو ڳلي ۾ هئڻ ضروري آهي. صحابہِ ڪرام عليم الرضوان جا اهلبيتِ اطهار سان عقيدت ۽ محبت جا ڪيئي واقعا آهن ايئن ئي اهلبيتِ اطهار جا صحابہِ ڪرام عليم الرضوان سان اُلفت ۽ شفقت جا بہ بيشمار انداز آهن جيئن تہ حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پوٽيءَ امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صاحبزادي جو نالو مسلمانن جي پياري پياري امڙ سائڻ

حضرتِ سيدَتُنا بيبي عائشه صدّيقه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھَاجن جي مبارڪ نالي تي هو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْها جي مزار شريف اڄ بہ مصر ۾ موجود آهي ۽ سندن مزار شريف جي پرسان جيڪا مسجد آهي ان کي کين نسبت جي ڪري مسجدِ عائشه چيو ويجي ٿو. عاشقِ صحابه ۽ اهلبيت، بانيءِ دعوت اسلامي اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه چا تہ خوب لکن ٿا:

آل واصحابِ نبی کے جس قدر چاہنے والے ہیں ساروں کو سلام

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سونَ جو زنجير

احاديث مبارڪ مختلف راوين کان روايت ڪيون ويندِيون آهن ان ۾ محدثينِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم (جو طريقي ڪار هي هوندو آهي تہ) حضرت امام جعفر صادق کان امام باقر جي ۽ سندن کان امام زين العابدين جي، ۽ انهن کان امام حسين جي، حضرت مولا علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُم جي طرفان ڪئي ويندڙ روايت کي ”سلسلةُ الذَّهب“ يعني سونَ جي زنجير چوندا آهن. (مرقات المفاتيح، 657/10، تحت الحديث: 6287)

آل واصحابِ نبی سب بادشہ ہیں بادشاہ میں فقط ادنیٰ گدا اصحاب واہل بیت کا

## علمي وجاهت

حضرت عبدالله بن عطاء رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان علاوه عالِمن مان ڪو اهڙو ناهي ڏٺو جنهن وٽ عالِمن جو علم بہ گهٽ ٿي ويجي، مون حَڪَم بن عيينہ کي انهن جي خدمت ۾ اهڙي طرح ويٺل ڏٺو ڄڻ تہ طالِبِ علم هجن. (حلية الاولياء، 217/3، حديث: 3757)

## جنّ مسئلن جي حل لاءِ حاضر ٿيندا هئا

هڪ شخص جو بيان آهي تہ مون حضرت امام باقر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سان ملاقات جي اجازت گهري تہ ماڻهن چيو: جلدي نہ ڪر چوتہ انهن وٽ ٻيا بہ گهڻا ماڻهو ويٺل آهن ۽ پاڻ اجان ٻاهر تشريف ڪٽي ناهن آيا، ايتري ۾ 12 ماڻهو سوڙها جبا پاتل ۽ هٿن پيرن ۾ جوراب پائي ٻاهر آيا. انهن "السّلام عليڪم" چيو ۽ هليا ويا. جڏهن مان حضرت امام باقر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيس تہ پڇيومانس: حضرت! هي ماڻهو ڪير هئا جيڪي هاڻي توهان وٽان اٿي ويا آهن؟ پاڻ فرمايائون: هي توهان جا ڀائر جِنَّ هئا. مون حيران ٿي عرض ڪيو: ڇا توهان انهن کي ڏسو ٿا ؟ فرمايائون: هائو! جيئن توهان مون کان حلال ۽ حرام بابت مسئلا پڇو ٿا ايئن ئي هي بہ اچي ڪري مون کان مسئلا سکن ٿا. (شواہد النبوۃ،ص 239)

## عربي زبان ۾ شجرو

منهنجا آقا اعلٰي حضرت امام اهلسنّت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ ڏکهو عربي شجره طريقت دُرود جي صيغي سان تحرير فرمايو آهي ان ۾ حضرت امام باقر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن جو ذِڪرِ خير هنن الفاظن ۾ ڪن ٿا:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلَيْهِ وَعَلَيْهِمْ وَعَلَى الْمَوْلَى السَّيِّدِ الْاِمَامِ مُحَمَّدِ بْنِ عَلِيِّ نِ الْبَاقِرِ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا

ترجمو: اي الله پاڪ تون آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ۽ سردار ۽ مولا محمد بن علي امام باقر رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا

تي دُرود ۽ سلام موڪل ۽ انهن تي برڪت نازل فرماءِ.
(تاريخ و شرح شجرهٔ قادريه برڪاتيه رضويه، ص 108)

اهڙيءَ طرح پنهنجي هڪ فارسي شجري ۾ حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کان هنن اشعار جي صورت ۾ اِستغاثو (يعني فرياد) ڪن ٿا:

باقر ايا عالِمِ سادات يا بحرَ العُلوم　　از علومِ خود بدفعِ جهل ما اِمداد کُن

يعني اي امام باقر! اوهان سيّدَن سڳورن جا نهايت وڏا عالم ۽ عُلوم جا سمنڊ آيو. الله ڪريم جي طرفان عطا ڪيل انهن عُلومن سان منهنجي جهالت دور فرمائي ڪري منهنجي مدد ڪريو.
(تاريخ و شرح شجرهٔ قادريه برڪاتيه رضويه، ص 128)

## عبادات ۽ مُناجات

حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جن پنهنجي والد جيان وڏا عابد ۽ زاهد ۽ هر وقت عبادت ۾ مصروف رهندا هئا. سندن صاحبزاده حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجا والِدِ محترم آڌيءَ رات جو بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪندا هئا: ”اي الله پاڪ! تو مونکي حڪم ڏنو پر مون پورو نہ ڪيو، مونکي (تو) روڪيو پر مان نہ رڪيس، تنهنجو هي ٻانهو تنهنجي بارگاهہ ۾ حاضر آهي ۽ ان وٽ ڪو عُذر ناهي.“
(حلية الاولياء، 217/3، حديث: 3760)

اي خدا! رات اچي وئي ۽ دنياوي بادشاهن جي حڪومت ختم ٿي وئي، آسمان تي تارا نڪري آيا ۽ ماڻهو سمهي پيا. اي پاڪ پروردگار! تون زنده، هميشہ رهڻ وارو ۽ ڏسڻ وارو آهين، تنهنجي ذات پاڪ آهي تون ننڊ ۽ اوباسيءَ کان پاڪ آهين تنهنجي ذات ڪنهن سواليءَ کي هتين خالي ناهي موٽائيندي.
( تاريخ مشائخ قادريه رضويه برڪاتيه، ص 82 )

پئے حُسین و حَسَن فاطمہ علی حیدر　　ہمارے بگڑے ہوئے کام دے بنا یارب

## مبارڪ عادتون

حضرت خالِد بن دينار رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا ته حضرت محمد بن علي امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن مسڪرائيندا هئا ته ربّ پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندا هئا: ”اي الله پاڪ! مون سان ناراض نه ٿجاءِ. (صفة الصفوه، 78/2)

حضرت عبد الله بن يحيٰي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: مان حضرت امام ابو جعفر محمد بن علي امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن کي ڳاڙهي رنگ جي گوڏ ٻڌندي ڏٺو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرض نمازن کان علاوه ڏينهن رات ۾ 50 رڪعتون ادا فرمائيندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مبارڪ منديءَ تي لکيل هو. اَلْقُوَّةُ لِلّٰهِ جَمِيْعًا يعني سڄي طاقت خدا کي آهي.

(حلية الاولياء، 217/3، حديث: 3758 ـ 213/3، حديث: 3737)

## مولا علي جي نزديڪ پهريان خليفا حضرت ابوبڪر صديق

حضرت امام جعفر صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي والِد محترم حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت ڪن ٿا ته حضرت ابوبڪر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ بيعت تي وجهڻ کان بعد ستن ڏينهن تائين ماٺهن کي (عاجزي طور) بيعت ٽوڙڻ جو چوندا رهيا. ستين ڏينهن حضرت عليُ المرتضٰي شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جن تشريف کڻي آيا ۽ عرض ڪيائون: نه اسان توهان سان ڪيل بيعت ٽوڙينداسين ۽ نه ئي اهڙو مطالبو ڪنداسين، جيڪڏهن اسان توهان کي اهل نه سمهجون ها ته ڪڏهن به بيعت نه ڪيون ها“.

(الرياض النضرة ، 252/1)

هوئے فاروق و عثمان و علی جب داخلِ بیعت
بنا فخرِ سلاسل سلسلہ صدیقِ اکبر کا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمرِ فاروقِ اعظم جي باري ۾

حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن ارشاد فرمائن ٿا: حضرت فاطمةُ الزّهرا رَضِیَ اللهُ عَنْهاجي سڄي آل جو هن ڳالهه تي اجماع ۽ اتفاق آهي تہ حضرت ابوبڪر ۽ عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُما جي حق ۾ اها ڳالهہ چئو جيڪا سيني کان بهتر هجي. (ظاهر آهي تہ بهتر ڳالهہ انهي جي حق ۾ چئي ويندي جيڪو سيني کان بهتر هجي.) (الصواعق المحرقہ،ص 52)

## جيڪو کانئن صديق نہ چئي...؟

حضرت عروه بن عبد الله رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي تہ مان حضرت امام باقر ابو جعفر محمد بن علي بن حسين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ انهن کي عرض ڪيو: تلوار کي سجائڻ جي باري ۾ توهان ڇا ٿا فرمايو؟ پاڻ فرمايائون: ڪو حرج ناهي ڇوتہ حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جن بہ پنهنجي تلوار کي سجايو هو. مون عرض ڪيو: ”توهان انهن کي صديق چيو؟“ هي ٻڌندي ئي حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪاوڙ مان اٿي بيٺا ۽ قبلي ڏانهن منهن ڪري ارشاد فرمايائون: ”ها! اهي صديق آهن، ها! اهي صديق آهن، ها! اهي صديق آهن. ۽ جيڪو انهن کي صديق نہ چئي تہ الله پاڪ ان جي ڳالهہ کي دنيا ۽ آخرت ۾ سچو ناهي فرمائيندو. (فضائل الصحابة، 419/1، الرقم: 655)

عمر سے بھی وہ افضل ہیں وہ عثماں سے بھی ہیں اعلیٰ
یقیناً پیشوائے مرتضیٰ صدیقِ اکبر ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صحابہِ ڪرام جي بابت محبت جو درس

حضرت عبدالملڪ بن ابو سليمان رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ بيان ڪن ٿا: مون حضرت امام باقر رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان هن آيت مبارڪ

اِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللّٰهُ وَ رَسُوْلُهٗ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوا الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَ يُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَ هُمْ رٰكِعُوْنَ ﴿۵۵﴾

(سيپارو 6، سورة المائده: 55)

ترجموڪنزالعرفان: توهان جا دوست صرف اللّٰه ۽ ان جو رسول ۽ ايمان وارا آهن جيڪي نماز قائم ڪندا آهن ۽ زڪوٰة ڏيندا آهن ۽ اللّٰه جي بارگاهہ ۾ جهڪيل آهن.

جي تفسير پڇي تہ فرمايائون: ”هن آيت جا مصداق صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہُم آهن.“ مون عرض ڪيو: ماڻهو چون ٿا تہ هن آيت جو مصداق مسلمانن جو چوٿون خليفو حضرت عليُ المرتضٰي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ آهي. فرمايائون: اهي بہ صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم مان ئي آهن.“

(تاريخ ابن عساڪر ، 289/54)

## اهلبيت سان محبت جا ڪوڙا دعويدار

حضرت امام باقر رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جابر جُعفي کي فرمايو: اي جابر! مونکي خبر ملي آهي تہ عراق ۾ ڪجھ ماڻهو آهن جيڪي اسان (يعني اهلبيت) سان محبت جي دعوٰي ڪن ٿا پر اميرالمؤمنين حضرت ابوبڪر صديق ۽ امير المؤمنين حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُما جي شان ۾ نازيبا ڳالهيون ڪن ٿا ۽ اهو بہ چون ٿا تہ مون انهن کي هن جو حڪم ڏنو آهي، انهن کي خبر ڏئي ڇڏيو تہ مان بارگاهِ الٰهي ۾ انهن کان بيزاري جو اظهار ڪريان ٿو. جيڪڏهن مان شيخينِ

ڪريمين (يعني امير المؤمنين حضرت ابوبڪر صديق ۽ امير المؤمنين حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُما) جي لاءِ درجات جي بلندي ۽ رحمت جي دعا نہ ڪريان تہ مون کي نانا جان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت نصيب نہ ٿئي. انهن حضرات کان الله پاڪ جا دشمن ئي غافل ۽ بيزار آهن. (البدايہ و النہايہ، 457/6)

## شيخينِ ڪريمين کان جدا اهلبيت کان جدا آهي

هڪ ٻئي موقعي تي پاڻ جابر جعفي کي فرمايائون: ڪوفي وارن تائين هيءَ ڳالهه پهچائي ڇڏيو تہ جنهن شيخينِ ڪريمين (يعني امير المؤمنين حضرت ابوبڪر صديق ۽ امير المؤمنين حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُما) جي شان ۾ گستاخي ڪئي مان ان کان بيزار آهيان ۽ مان شيخينِ ڪريمين (يعني امير المؤمنين حضرت ابوبڪر صديق ۽ امير المؤمنين حضرت عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُما) سان راضي آهيان. جيڪو شخص حضرت ابوبڪر صديق ۽ عمرِ فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُما جي فضيلت نہ ٿو ڄاڻي اهو سنّت (يعني حديث) کان ناواقف آهي.
(حلية الاولياء، 217/3، حديث:3753 - 3754)

اس اِمامت سے کھلا تم ہوا اِمامِ اَکبر ... تھی یہ ہی رَمزِ نبی کہتے ہیں حیدر صدیق

## الله پاڪ جي تعريف جا جامع ڪلما

حضرت امام جعفرِ صادق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ هڪ ڀيري منهنجي والِدِ محترم حضرتِ محمد بن علي باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن جو خچر گم ٿي ويو، پاڻ فرمايائون: "جيڪڏهن الله پاڪ اهو موٽائي ڏي تہ مان ان جو اهڙي حمد (يعني تعريف) بيان ڪندُس جنهن سان هو راضي ٿي ويندو." ڪجهه دير کان بعد الله پاڪ ان کي ڪجاوي ۽ لغام سميت موٽائي ڏنو، پاڻ ان تي سوار ٿيا

جڏهن صحيح طريقي سان ويهي رهيا تہ ڪپڙا سميٽي آسمان جي طرف متو ڪنيائون ۽ ”الحمد لله“ چيائون، ان کان علاوه ڪجھ بہ نہ چيائون. جڏهن ڪين کان ان بابت پڇيو ويو تہ فرمايائون: ” مون ڪجھ ڇڏي ڏنو آهي چا يا ڪجھ باقي رکيو؟ مون تہ تمام تعريفون الله پاڪ جي لاءِ ئي ڪري ڇڏيون آهن.

(موسوعه ابن ابی الدنيا ، 1/497، حديث: 105)

الله ربُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بُري موت کان بچڻ جو نسخو

امام اوزاعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا تہ مان مديني پاڪ ۾ حضرت امام باقر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري الله پاڪ جي فرمان:

يَمۡحُوا اللّٰهُ مَا يَشَآءُ وَ يُثۡبِتُ ۚۖ وَ عِنۡدَهٗۤ اُمُّ الۡكِتٰبِ ۝۳۹ (سيپارو13،سورة الرعد: 39)

ترجمو ڪنزالعرفان: الله جيڪو چاهيندو آهي مٽائيندو آهي ۽ ثابت رکندو آهي ۽ اصل لکيل انهيءَ وٽ آهي.

جي تفسير جي باري ۾ پڇيو تہ پاڻ فرمايائون: ها!مونکي منهنجي والدِ محترم پنهنجي ڏاڏا سائين عليُ المرتضٰي شيرِ خدا رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ جن کان روايت ڪندي بيان ڪيو تہ هو فرمائن ٿا: مون هن آيت جي باري ۾ رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! کان پڇيو تہ پاڻ ارشاد فرمايائون: ”اي علي! مان هن آيت سان گڏ توهان کي خوشخبري ڏيان ٿو ۽ توهان اها

خوشخبري مون کان بعد منهنجي امّت کي ٻڌائجو تہ صحيح طريقي سان صدقو ڏيڻ، ڀلائي ڪرڻ، والدين سان حسنِ سلوڪ ڪرڻ ۽ صلہٴ رحمي ڪرڻ ھي بدبختي کي نيڪ بختي سان بدلائيندو، عمر ۾ اضافو ڪندو ۽ بري موت کان بچائيندو آھي. (حلية الاولياء، 156/6، حديث: 8140)

پيارا اسلامي ڀائرو! والدين سان چڱو ورتاءُ ڪرڻ خاص طور جڏھن انھن کي اسان جي خدمت جي ضرورت ھجي يا ھُو پوڙھا ٿئي چڪا ھجن اھڙي وقت ۾ ھر طرح سان انھن جي خدمت جي لاءِ ھر وقت تيار رھڻ وڏي سعادت جي ڳالھ آھي، تمام عاشقانِ صحابہ ۽ اھلبيت کي گھرجي تہ پنھنجن رت جي رشتيدارن سان بہ چڱو سلوڪ ڪن جيڪڏھن اھي اسان کان ڪنھن ناراضگيءَ جي سبب رشتيداري ٽوڙين تہ تڏھن بہ اسان رشتو جوڙڻ جي ئي ڪوشش ڪريون چوتہ جيڪڏھن ڪو توھان سان چڱو سلوڪ ڪري ۽ توھان بہ ان سان چڱو سلوڪ ڪريو تہ ھي تہ ادلو بدلو ٿي ويو ڪمال تہ تڏھن آھي جو جڏھن ڪو اسان سان سنو سلوڪ نہ ڪري ۽ اسان ان سان ڀلائي ۽ خوش اخلاقي سان پيش اچون. حديث پاڪ ۾ آھي جيڪو توھان کان ٽوڙي توھان ان سان جوڙيو. جيڪو توھان کي محروم ڪري ان کي عطا ڪريو ۽ جيڪو توھان تي ظلم ڪري توھان ان کي معاف ڪريو. (معجم اوسط، 4/ 160،حديث: 5567)

حضرت امام باقر رَحۡمَةُاللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا: سيني کان جلد حصولِ ثواب جو باعث بڻجڻ وارو عمل صلہٴ رحمي آھي ۽ سڀ کان وڌيڪ سزا جو سبب بڻجڻ وارو عمل بغاوت ۽ سرڪشي آھي. (حلية الاولياء،219/3،رقم:3768)

رشتيدارن سان شريعت جي اجازت جي بغير تعلق ٽوڙڻ واري جي نحوست تہ ڏسو، حضرت امام زين العابدين رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَیۡه پنھنجي

صاحبزادي حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي رشتو ٽوڙڻ واري جي صحبت کان بہ بچڻ جي نصيحت فرمائي جيئن تہ

## شهزادي جي پنهنجي صاحبزادي کي نصيحت

حضرت محمد بن علي باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي والد محترم امام زين العابدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مونکي نصيحت ڪندي فرمايو: ”پنجن ماڻهن جي نہ صحبت ۾ ويهجو، نہ انهن سان گفتگو ڪجو ۽ نہ ئي سفر ۾ انهن جي رفاقت(يعني همراهي) اختيار ڪَجو.“ مون عرض ڪيو: مان اوهان تي قربان! اهي ڪير آهن؟ فرمايائون: ”فاسق جي صحبت ۾ نہ ويهجو چوجو هُو توکي هڪ يا هڪ کان گهٽ گرھ جي بدلي ۾ وڪڻي ڇڏيندو.“ مون عرض ڪيو: گرھ کان گهٽ مان ڇا مراد آهي؟ فرمايائون: ”گرھ جي لالچ ڪندو پر ان کي حاصل نہ ڪري سگهندو.“ مون عرض ڪيو: ٻيو شخص؟ فرمايائون: بخيل (يعني ڪنجوس) جي صحبت ۾ نہ ويهجو چوتہ هو اهڙي وقت ۾ توکان مال کي روڪي وٺندو جڏهن توکي ان جي سخت ضرورت هوندي.“ مون عرض ڪيو: ٽيون ڪير آهي؟ فرمايائون: ڪوڙي جي صحبت ۾ نہ ويهجو چوتہ هو واریاسي زمين جيان آهي جيڪو توکان ويجهي کي پري ۽ پري کي ويجهو ڪري ڇڏيندو.“ مون عرض ڪيو: چوٿون شخص؟ فرمايائون: ”بيوقوف جي صحبت اختيار ڪرڻ کان بچجو چوتہ هو توکي فائدو پهچائڻ جي ڪوشش ۾ نقصان پهچائي ڇڏيندو.“ مون عرض ڪيو: پنجون شخص ڪير آهي؟ فرمايائون: رشتيدارن کان تعلق ٽوڙڻ واري جي صحبت ۾ ويهڻ کان بچجو چوتہ مون ڪتابُ الله ۾ ٽِن جڳهن تي ان کي ملعون (يعني الله پاڪ جي رحمت کان پري) لڌو آهي.“ (حلية الاولياء، 3/215)

حديث: (3745 حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي پٽ کي فرمايو: اي پٽ! سُستي ۽ تنگ دلي کان بچجانءِ چوته هي هر برائيءَ جي ڪنجي آهي پوءِ جيڪڏهن سُستيءَ جو شڪار ٿيندين ته حق ادا نه ڪري سگهندين ۽ جيڪڏهن تنگ دليءَ جو شڪار ٿيندين ته حق تي صبر نه ڪري سگهندين.“ (صفة الصفوه، 78/2)

## صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم جي زيارت

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مديني پاڪ جا عظيم تابعي ۽ تمام وڏن فُقيهن ۽ محدثين مان آهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صحابهءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم مان خادمِ نبي حضرتِ اَنس، حضرتِ جابر ۽ حضرت عبدُاللهِ بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهم سان ملاقات جو شرف حاصل ڪيو ۽ هنن حضرات کان مبارڪ حديثون به روايت ڪيائون.

## اهلبيتِ پاڪ جي غلامن جي لاءِ خوشخبري

اي عاشقانِ صحابه ۽ اهلبيت! الله وارا بي زبان جانورن جون ٻوليون به سمجهي وٺندا آهن بلڪ انهن جي فرياد تي ڪائنڻ مدد به فرمائيندا آهن جيئن ته هڪ شخص جو بيان آهي: مان حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گڏ مڪي ۽ مديني جي ويجهو هڪ وادي ۾ سفر ڪري رهيو هئس، ان وقت پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ خچر تي سوار هئا ۽ مان هڪ گڏهه تي سوار هئس. اوچتو مون ڏٺو ته ڪو شخص پهاڙ تان لهي ڪري انهن جي ويجهو آيو ۽ اهو سندن خچر جي نگراني ڪندو رهيو ۽ هڪ بگهڙ پنهنجي هٿن کي خچر جي ڪجاوي جي اڳيان رکي ڪري دير تائين حضرت امام باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان گفتگو ڪندو رهيو. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان بگهڙ کي فرمايائون: ”هاڻي تون

واپس هليو وڃ، جيڪو تو چاهيو پئي مون ايئن ئي ڪري ڇڏيو آهي.“ بگهڙ اهو ٻڌي ڪري هليو ويو. پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي ساٿيءَ کي فرمايو: ڇا تون ڄاڻين ٿو هن بگهڙ مونکي ڇا چيو. ان عرض ڪيو: الله پاڪ، ان جو رسول ﷺ ۽ ان جو پٽ (يعني توهان) ئي بهتر ڄاڻيو ٿا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو: بگهڙ فرياد ڪري رهيو هو: منهنجو ٻچو پيدا ٿيڻ وارو آهي ان حوالي سان دعا ڪريو ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ عرض ڪريو ته هو منهنجي خاندان مان ڪنهن کي به توهان سان محبت ڪرڻ واري تي مسلّط نه ڪري. جيئن ته پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان جي درخواست بارگاهه الٰهي ۾ پيش ڪري ڇڏي.

(شواہد النبوۃ،ص 239)

صحابہ کا گدا ہوں اور اہلِ بیت کا خادِم
یہ سب ہے آپ ہی کی تو عنایت یارسولَ اللّٰہ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رزق جو سوال

هڪ ڀيري امام باقر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڄرڪين جو آواز ٻڌو ته پرسان وينل هڪ شخص کي فرمايائون: ڄاڻيو ٿا هي ڇا چئي رهيون آهن.؟ ان عرض ڪيو: نه. فرمايو: هي منهنجي ربّ جي پاڪي بيان ڪندي اڄوڪي رزق جو سوال ڪري رهيون آهن.“ (حلیۃ الاولیاء، 219/3، حدیث: 3766)

## امام باقر سان امام اعظم جي ملاقات

فقهِ حنفي جا تمام وڏا عالِمِ دين، حضرت امام ابو يوسف رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا ته مون پنهنجي استاد حنفين جي امام، امام اعظم ابو حنيفه رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کي عرض ڪيو: ڇا توهان جي امام باقر رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان ملاقات ٿي آهي؟ ته پاڻ فرمايائون: جي هائو! مون انهن سان ملاقات ڪئي آهي

۽ مون انهن کان هڪ مسئلو پڇيو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ان جو تمام پيارو جواب عطا فرمايو جيڪو مون سندن کان پهريان ڪنهن کان نہ ٻڌو هو. (تاريخ مشائخ قادريہ رضويہ برڪاتيہ،ص 81)

## عالي وقار شهزاي جي گستاخي جو انجام

هڪ ٻيري بادشاهہ حضرت امام باقر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي معاذالله شهيد ڪرڻ جي ارادي سان پاڻ وٽ گهرايو. جيئن ئي پاڻ بادشاهہ وٽ تشريف ڪٺي آيا تہ بادشاهہ معافي گهرڻ لڳو ۽ ڪجهہ تحفا پيش ڪري نهايت ئي ادب ۽ احترام سان رخصت ڪري ڇڏيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي تشريف ڪٺي وڃڻ کان بعد ماڻهن بادشاهہ کي چيو ڇا تو انهن کي شهيد ڪرڻ جي ارادي سان نہ گهرايو هو؟ بادشاهہ چيو: حضرت امام باقر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جڏهن منهنجي ويجهو تشريف ڪٺي آيا تہ مون ٻن وڏن غضبناڪ شينهن کي ڏٺو جيڪي ان جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي ويهي ڪري مون کي چئي رهيا هئا جيڪڏهن تو ذرّي برابر بہ گستاخي ڪئي تہ اسان توکي چيري ڦاڙي ڇڏينداسين. (تاريخ مشائخ قادريہ رضويہ برڪاتيہ،ص 83)

## فرامينِ امام باقر

اي عاشقانِ صحابہ ۽ اهلبيت! اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم جا ارشاد اسان جي لاءِ زندگي گذارڻ جي لاءِ بهترين نسخا هوندا آهن انهن تي عمل ڪري اسان پنهنجي دنيا ۽ آخرت کي بهتر بڻائي سگهون ٿا ۽ انهن جي مختصر فرمانن ۾ علم ۽ حڪمت جا انمول خزانا هوندا آهن. امام باقر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا ڪجهہ فرامين ملاحظہ ڪيو:

❀ ٻرن ماڻهن جو سلام ٻري گفتگو آهي. (يعني برا ماڻهو پنهنجي ڳالهہ ٻري گفتگو سان شروع ڪندا آهن.) (صفة الصفوة، 77/2)

❀ هرشيءِ جي لاءِ ڪا نہ ڪا آفت هوندي آهي ۽ علم جي آفت ويسارڻ آهي. (البدايہ و النہايہ، 456/6)

❀اهو عالِم جنهن جي علم مان فائدو حاصل ڪيو وڃي هزار عابدن کان افضل آهي. (حلية الاولياء،214/3،رقم:3740)

❀الله پاڪ جو قسم! هڪ عالم جو موت شيطان لعين کي 70 عابدن(يعني عبادت گذارن) جي موت کان وڌيڪ پسند آهي“.
(صفة الصفوه، 77/2)

❀ ”ٽي اعمال سڀ کان وڌيڪ مشڪل آهن: (1) هر حال ۾ الله پاڪ جو ذڪر ڪندو رهڻ (2) پنهنجو پاڻ کان انصاف ڪرڻ ۽ (3) ضرورت مند مسلمان ڀاءُ سان مالي تعاون ڪرڻ.
(تفسير در منثور، پ9، الانفال، تحت الآية: 45، 4 /75)

❀جهيڙي کان بچجو ڇوتہ هي دلين کي بگاڙِيندو آهي ۽ نفاق پيدا ڪندو آهي. (حلية الاولياء،215/3،رقم:3749)

❀ الله پاڪ جي آيتن ۾ فضول بحث ڪرڻ وارا ماڻهو ئي جهگڙالو آهن. (حلية الاولياء،216/3،رقم:3750)

❀حضرت ثابت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ حضرت محمد بن علي باقر رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه هن الله پاڪ جي فرمان:

أُولَٰٓئِكَ يُجۡزَوۡنَ ٱلۡغُرۡفَةَ بِمَا صَبَرُواْ
(سيپارو19، سوره فرقان: 75)

ترجموڪنزالعرفان: انهن کي سندن صبر جي بدلي جنت جو سڀ کان بلند درجو انعام ۾ ڏنو ويندو.

جي تفسير ڪندي فرمائن ٿا: (هي انعام انهن کي) دنيا ۾ فقر ۽ فاقي تي صبر ڪرڻ جي سبب ملندو. (تفسير در منثور، پ 19، الفرقان، تحت الآية: 75، 6 /285)

❀”منهنجو هڪ پاءُ آهي جيڪو منهنجي ويجهو وڏي عزت ۽ عظمت رکندو آهي ۽ منهنجي ويجهو ان جي عظمت جو سبب ان جي نظر ۾ دنيا جو حقير هئڻ آهي.“ (صفة الصفوه، 78/2)

❀ جنهن کي سهڻو اخلاق ۽ نرمي عطا ڪئي وئي ان کي تمام ڀلائي ۽ راحت ڏني وئي ۽ دنيا ۽ آخرت ۾ ان جو حال بهتر هوندو ۽ جيڪو سهڻي اخلاق ۽ ڀلائي کان محروم رهيو ته هي هر برائيءَ ۽ مصيبت جو رستو آهي پر اهو جنهن کي الله محفوظ رکي.“ (حلية الاولياء،218/3،رقم:3762)

❀ عبيدالله بن وليد جو بيان آهي ته حضرت محمد بن علي باقر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن مونکي فرمايو: ”ڇا توهان مان ڪو پنهنجي ڀاءُ جي کيسي ۾ هٿ وجهي ڪري پنهنجي خواهش جي مطابق ڪجھ ڪڍي سگهي ٿو؟“ اسان عرض ڪيو: نه. فرمايائون: پوءِ توهان جي درميان اهو ڀائيچارو ناهي جهڙو توهان گمان ڪيو ٿا.“
(حلية الاولياء،218/3،رقم:3763)

❀ توهان جي ڀاءُ جي دل ۾ توهان جي ڪيتري محبت آهي ان جو اندازو توهان هن ڳالهه مان لڳايو ته پنهنجي ڀاءُ جي توهان جي دل ۾ ڪيتري محبت آهي.“ (صفة الصفوه، 79/2)

❀جابرجُعفي کي فرمايائون: ”اي جابر! دنيا کي ان جڳهه جيان سمجھ جتي تون ڪجھ دير ترسي پوءِ هليو وڃين يا ان مال جيان سمجھ جنهن کي تو خواب ۾ لڌو پر جڏهن اک کُلي ته تنهنجي هٿ ۾ ڪجھ به نه هو. دنيا عقل مندن ۽ ربّ پاڪ جي معرفت رکڻ وارن جي لاءِ ڇانوَ جي مثل آهي. بس تون الله پاڪ کان پنهنجي دين ۽ عقل جي حفاظت جو سوال ڪر.“ (حلية الاولياء،218/3،رقم:3765)

❀ حضرت عمرو بن دينار رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه بيان ڪن ٿا ته حضرت محمد بن علي باقر رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ”پنهنجي پسنديده شين ۾ اسان الله جي عبادت ڪندا آهيون جيڪڏهن ڪا شيءِ اسان جي پسند جي خلاف اچي وڃي ته الله پاڪ جي پسنديده شين ۾ اسان نافرماني ناهيون ڪندا.“ (شعب الايمان، 244/7، حديث: 10171)

❀ الله پاڪ کي سڀ کان وڌيڪ محبوب ان ڪان سوال ڪرڻ ۽ گهرڻ آهي ۽ قضا کي دعا کان ئي ٽاري سگهجي ٿو. سيني کان جلد حصولِ ثواب جو باعث بڻجڻ وارو عمل صلهءِ رحمي آهي ۽ سيني کان وڌيڪ سزا جو سبب بڻجڻ وارو عمل بغاوت ۽ سرڪشي آهي. ماڻهوءَ جي عيب دار هئڻ جي لاءِ هيءُ ئي ڪافي آهي ته اهو ماڻهن ۾ ان عيب کي ڏسي جنهن کي پاڻ ۾ ڏسڻ کان انڌو هجي ۽ ماڻهن کي ان شيءِ جو حڪم ڏي جنهن کي پاڻ ڪان پري نه ٿو ڪري سگهي ۽ پنهنجن ساٿين کي بناسبب تڪليف پهچائي.“ (البدايه و النهايه، 457/6)

## انتقال شريف

حضرت امام باقر رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جن جو انتقال شريف 7 ذوالحج 114 يا 117 هجري تي ٿيو. (شرح شجره قادريه رضويه عطاريه، ص 54 تا 56) دنيا جي سڀ کان افضل قبرستان جنّت البقيع ۾ حضرت عبّاس رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جي مزار شريف جي ويجهو سندن تدفين ٿي. (جامع ڪرامات الاوليا،164/1) پاڻ رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جي وصيت جي مطابق سندن کي نماز واري ڪپڙن ۾ ڪفن ڏنو ويو. الله ڪريم! اسان کي صحابه ۽ اهلبيت جو سچو غلام بڻائي ۽ انهن جي غلاميءَ ۾ جيئڻ مرڻ نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللہ عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللہ عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net